© rasailojaraid.com


# ڪاروڪاري اسلام جي روشنيءَ ۾

ڊاڪٽر محمد ادريس "آزاد" سومرو


## ABSTRACT

"Karo Karee" in the light of Islam

Now a days in Sindh, we are listening & watching the voice of **"Karo Karee"**, specially countryside of the Sindh. If we not think and concerned about this problem which is concerned with **"Karo Karee"** in the light of Islam in future several such cases will be happening at the different corners of Sindh and so many tribes and communities will destroy and so many innocent girls and women will come in the circle of karo karee.

In such cases of **"Karo Karee"** there is no many eye witness and no such evil is done before the presence of the people.

In our society on doubt bases karo karee cases are happening. The mean of karo karee cases to earn the money un-legally and to save the culprit. This tearm is used for save himself from the rules of law and punishment and this conclusion appears that no any legally decision is made about this and the culprit after three or four months prisioned every person see that culprit out of prison and he feel himself unshame feel and he consider himself as a lord and unpity person and he is walking proudly among his little society.

In this essay Quranic Ayahs, hadiths and quotations of Hazrat Muhammad ﷺ , are explained regarding this matter.


Professor Dr. Muhammad Idrees
"Azad" Soomro, Larkana.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



سنڌ ۾ هن وقت ڪاروڪاري جو آواز گونجي رهيو آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌي سماج هن وقت سنگين مسئلن جي ور چڙهي ويو آهي. هنن حالتن ۾ ضروري آهي ته اسلام جي رهبري ۽ رهنمائي مان فائدو ورتو وڃي، ڇو ته اسلام، دينِ فطرت آهي ۽ هر دؤر خواه هر سماج جي مسئلن جو حل به اسلام ۾ ئي آهي.

"ڪاروڪاري" جي مسئلي کي جيڪڏهن اسلام جي تعليم جي روشنيءَ ۾ نه ڏٺو ويو ۽ اهو مسئلو جيڪڏهن حل نه ڪيو ويو ته سماجي ابتري ٿيندي. وقت جي تقاضا آهي ته ديني عالم اڳتي اچن ۽ اسلام جي تعليم جي روشنيءَ ۾ ان مسئلي جو جائزو وٺي ڪو حل پيش ڪن. ان سلسلي ۾ اها ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته "ڪاروڪاري" جو بنيادي ڪارڻ آهي بدظني ۽ بدگماني. جڏهن ته قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ بدگماني ۽ بدظني سخت گناهه آهي. آيت سڳوري هن طرح آهي ته:

يَاۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۡ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ وَّلَا تَجَسَّسُوْا وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ ﴿1﴾

ترجمو: "اي ايمان وارؤ! گهڻي گمان کان پاسو ڪريو ڇو ته بيشڪ ڪي گمان گناهه آهن ۽ هڪٻئي جي حال جي جاسوسي نه ڪريو ۽ نه ڪو ڪنهن جي گلا ڪري، ڇا توهان مان ڪو

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



پسند ڪري ٿو تہ هُو پنهنجي مُئل ڀاءُ جو گوشت کائي ! پوءِ يقينًا توهان ان کان نفرت ڪندؤ پوءِ الله کان ڊڄو بيشڪ الله تعاليٰ توبہ قبول ڪندڙ ۽ مهربان آهي.“

مذڪوره آيت مان معلوم ٿيو تہ بدگماني گهڻن ئي گناهن کي جنم ڏئي ٿي يعني بدگمانيءَ سبب باهمي نفرت پيدا ٿئي ٿي ۽ اها نفرت وري عداوت ۾ تبديل ٿئي ٿي. جڏهن عداوت چوٽ چڙهي ٿي تہ پوءِ انسان پاڻ کي الڳ ۽ آجو رکڻ لاءِ پنهنجي جيون ساٿيءَ متان ڪيترائي ڪوڙا الزام هڻي ٿو ۽ اهي ڪوڙا الزام تہ اسان جي معاشري ۾ قيامت مچائي ٿا ڇڏين. هاڻي اچو تہ قرآن مجيد جي حوالي سان ڪوڙن الزامن يا بهتانن جو جائزو وٺون. آيت هن ريت آهي:

وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَاْتُوْا بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ فَاجْلِدُوْهُمْ ثَمٰنِيْنَ جَلْدَةً وَّلَا تَقْبَلُوْا لَهُمْ شَهَادَةً اَبَدًا ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ (2)

ترجمو: ”جيڪي شخص پرهيزگار عورتن تي بدڪاريءَ جو الزام لڳائن ۽ ان متعلق چار شاهد پيش ڪري نہ سگهن تہ انهن کي اَسي دُرا ماريو ۽ ڪڏهن بہ انهن جي شاهدي قبول نہ ڪريو ۽ اهي ماڻهو فاسق آهن.“

مذڪوره آيت جي روشنيءَ ۾ چار شاهد بہ اهڙا هجن جيڪي قَسم تي قريبي ۽ بِعينهٖ گواهي ڏين. مگر اهو بالڪل ناممڪن آهي تہ بدڪار عورت ۽ بدڪار مرد کي بعينهٖ بدڪاريءَ وقت ۾ چار شاهد گڏجي ڏسن ۽ اهو انساني فِطرت جي خلاف آهي جو هُو پنهنجي محبوبہ سان محبت وندبيندي ماڻهن جو ميڙ گڏ ڪري يا نمائش ڪري، تنهنڪري شاهدن جي شاهدي نہ هئڻ جي صورت ۾ قرآن مجيد هڪ ٻيو رستو کولي ڏنو آهي ۽ اهو هن ريت آهي تہ:

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com


وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ اَزْوَاجَهُمْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ شُهَدَآءُ اِلَّآ اَنْفُسُهُمْ فَشَهَادَةُ اَحَدِهِمْ اَرْبَعُ شَهٰدٰتٍ بِاللّٰهِ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٦﴾ وَالْخَامِسَةُ اَنَّ لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كَانَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٧﴾ (3)

ترجمو: ”۽ جيڪي پنهنجي عورتن تي بدڪاري جي تهمت لڳائن ٿا ۽ پاڻ کان سواءِ ٻيو ڪو شاهد نٿا رکن ته پوءِ اهڙن انسانن مان هرڪو شاهدي ڏيڻ لاءِ چار ڀيرا الله جو قسم کڻي چوندو ته بيشڪ هو پنهنجي دعويٰ ۾ سچو آهي ۽ پنجون ڀيرو (قسم کڻي) چوندو ته جيڪڏهن هو ڪوڙو آهي ته مٿس الله جي لعنت آهي.“

مذڪوره آيتن جي روشنيءَ ۾ ڪاروڪاريءَ متعلق جيڪڏهن شرعي اصولن موجب شاهد ملن يا شرعي اصول موجب جيڪڏهن ڪو دعويٰ ڪندڙ قسم کڻي گواهي ڏئي ته پوءِ اسلام جي روشنيءَ ۾ فيصلو اسلامي حڪومت جي قاضي صاحب جي معرفت اهڙي طرح ڪرڻ گهرجي جيئن ڪرڻ گهربو جيئن قرآن مجيد جو حڪم آهي. ان سلسلي ۾ هيءَ آيت ذڪر لائق آهي:

اَلزَّانِيَةُ وَالزَّانِيْ فَاجْلِدُوْا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا مِائَةَ جَلْدَةٍ ۪ وَّلَا تَاْخُذْكُمْ بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۚ وَلْيَشْهَدْ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿4﴾

ترجمو: ”بدڪاري ڪندڙ عورت ۽ بدڪاري ڪندڙ مرد جي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com

جڏهن بدڪاري ثابت ٿي وڃي ته هرهڪ کي 100 دُرا ماريو، جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکو ٿا ته پوءِ توهان انهن تي هرگز ترس نه کائو بلڪه عين سزا ڏيڻ وقت مسلمانن جو وڏو اجتماع به موجود هئڻ گهرجي."

اسان جي معاشري ۾ نه گواهه پورا ملن ٿا ۽ نه ئي وري الزام هڻندڙ اسلامي طريقي موجب گواهي ڏئي ٿو ۽ نه وري ڪو شرعي قاضي مقرر آهي جيڪو قرآن و حديث جي روشنيءَ ۾ غير شادي شده جوڙي کي دُرا هڻائي يا شادي شده جوڙي کي سنگسار ڪرائي. هتي ته اهو نظام آهي جو "چور چٽا وٺن ۽ پاڳيا جيل پون" يعني بي ڏوهه عورت کي قتل ڪندڙ ڪو گواهه جيڪو پاڻ سزا يعني دُرن کائڻ جو حقدار آهي سو وڏي واڪي ۽ وڏي دليري سان ڪيئي قتل ڪندو مڇن کي وٽيندو گهمندو ڦرندو نظر ايندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهڙي قتل جي عمل ۾ روزبروز اضافو ايندو ٿو وڃي. اسان جون اخبارون ته اهڙين خبرن سان ڀريون پيون آهن. ڪو اهڙو ڏينهن ڪونهي جنهن ۾ ڪارو ڪاري جي متعلق قتل جي خبر شايع نه ٿي هجي. ڪي ته شاديءَ رات پنهنجي جيون ساٿيءَ کي قتل ڪن ٿا ته ڪي شاديءَ جي ٻئي ڏينهن تي پنهنجي من مستي ڪري ڪنهن مسڪين ماءُ جو جگر جهير ڪري ڇڏين ٿا. حالانڪه قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ قتل جو عمل ڪبيرن گناهن ۾ شامل آهي. قاتل جي بخشش نٿي ٿئي ۽ قاتل جو ايمان به محفوظ نٿو رهي. اچو ته قتل متعلق قرآن مجيد جي تعليم تي نظر وجهون. ارشادِ رباني آهي:

وَمَنْ يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَلَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيْمًا *(5)

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com

بدڪاري جي حدن جي سلسلي ۾ جيڪي بہ نبوي دؤر دؤران فيصلا ٿيا آهن، سي صرف ۽ صرف ذاتي اقرار جي بنياد تي ٿيا آهن. حالانڪ پاڻ سڳورا ﷺ عِلمِ غيب جا ڄاڻو هئا، اڄي ڪاري جي ڪين ٻَخوبي خبر هئي، تنهن هوندي بہ ڏُرين جي ذاتي اقرار تي شرعي حد جو حڪم جاري فرمايائون ۽ مشڪوڪ صورت ۾ ڏُرين کي قتل ڪرڻ جو حڪم نہ ڏنائون بلڪ مصلحت کي آڏو رکي جدا رهڻ جو حڪم جاري ڪيائون.

اسان جي پياري پاڪستان ۾ جيئن تہ اسلامي نظام نافذ ٿي نہ سگهيو آهي تنهنڪري مان اهو چوڻ جي جسارت ڪندس تہ هتي الزام هڻندڙ کي ٿي سزا ڏني وڃي جيڪو پاڪدامن عورت کي ذاتي دشمني ۽ ذاتي نفرت سبب بيدردي سان قتل ٿو ڪري ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي امن و امان ۽ خوشحاليءَ ۾ خلل ٿو وجهي.


حوالا:

(1) قرآن مجيد، پاره 26، سورة الحجرات آيت 12
(2) قرآن مجيد، پاره 18، سورة النور آيت 4
(3) قرآن مجيد، پاره 18، سورة النور آيت 3 ۽ 4
(4) قرآن مجيد، پاره 18، سورة النور آيت 2
(5) قرآن مجيد، پاره 5، سورة النساءِ آيت 93
(6) بخاري، امام محمد بن اسماعيل ﷫: بخاري شريف، ڪتاب المحاربين، جلد 3، حديث 1722، صفحہ 663، 664
(7) ايضًا، بخاري شريف ڪتاب المحاربين، جلد 3، حديث 1726، صفحہ 666
(8) ايضًا، بخاري شريف، ڪتاب المحاربين، جلد 3، حديث 1728، صفحہ 667.


© rasailojaraid.com